SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III، 1970

# سنڌ اسپيشل ٽربيونل آرڊيننس، 1970

## فهرست(Contents)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات (Short Title and Commencement)
2. تعريفات (Definitions)
3. خاص عدالت جي جوڙجڪ (Constitution of Special Tribunal)
4. ڏوهن جي دست اندازي (Cognizance of Offences)
5. خاص عدالتن جا اختيار ۽ ڪاروهنوار جو طريقيڪار (Powers and Procedure of Special Tribunals)
6. ٻڌڻيون ملتوي ڪرڻ تي پابندي (Restriction on adjournments)
7. شاهدي جو خاص قاعدو (Special rule of Evidence)
8. سرڪاري وڪيل (Prosecutor)
9. سزا (Sentence)
10. اپيل (Appeal)
11. ٻين قانونن تي آرڊيننس جي بالادستي (Ordinance to over-ride other laws)

[8 آگسٽ 1970]

هڪ آرڊيننس، ڪجهه ڪيسن جي ٻڌڻي لاءِ خاص عدالتن جي فراهمي بابت آهي.

**تمهيد**

جيئن ته ڪجهه ڪيسن ۾ ان سان واسطو رکندڙ ڪيسن جي ٻڌڻي لاءِ خاص عدالت جيو قيام ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان (Proclamation) جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙهو ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

**مختصر عنوان ۽ شروعات**

1.(1) هي آرڊيننس، سنڌ اسپيشل ٽريبونل آرڊيننس سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي نافذالعمل هوندو.

**تعريفات (Definitions)**

2 يستائين مفهوم جون گهرجون ٻيون نه هجن، تيستائين هيٺين اصطلاحن (Expressions) جي معنيٰ ترتيبوار (Respectively) هيٺين ريت هوندي

(الف) "ڪوڊ (Code)" مطلب ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (ايڪٽ-V آف 1898).

(ب) "(Government)" مطلب سنڌ حڪومت.

(ج) "مقرر ڪيل مقدمو (Scheduled Case)" مطلب هن آرڊيننس جي شيڊول ۾ ڄاڻايل (Specified) ڪيس، ۽

(د) "(Special Tribunal)" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل (Constituted) خاص عدالت.

**خاص عدالت جي جوڙجڪ (Constitution of Special Tribunal)**

3. (1) شيڊول ۾ ڄاڻايل ڪيسن (Cases) جي ٻڌڻي (Trial) لاءِ، حڪومت هڪ خاص ڪورٽ قائم ڪندي، جنهن جو سربراهه هاءِ ڪورٽ جو موجوده جج يا جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي، مقرر ڪندي

(2) خاص عدالت کي جدول ۾ ڏنل ڪيسن (Scheduled Cases) کي ٻڌڻ (Try) لاءِ مخصوص حد اختيار (Exclusive Jurisdiction) حاصل هوندي.

(3) خاص عدالت (Special Tribunal) انهيءَ جڳهه يا جڳهن تي ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندي، جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪئي ويندي يا ڪيون وينديون.

**ڏوهن جي دست اندازي (Cognizance of Offences)**

4. خاص عدالت انهن ڪيسن ۾ دست اندازي (Cognizance) ڪري سگهندي، جن جو ذڪر جدول (Schedule) ۾ ٿيل هوندو يا اهي ڪيس جن جي ڊائريڪٽر، اينٽي ڪرپشن طرفان ڪوڊ جي دفعه (Section) 173 تحت لکت ۾ جدول ۾ ڄاڻايل ڪيسن ۾ ملوث هئڻ بابت رپورٽ (Report) پيش ڪندو.

**خاص عدالت جا اختيار ۽ طريقيڪار (Powers and Procedure of Special Tribunal)**

5. (1) خاص عدالت کي جدول ۾ ڄاڻايل ڪيسن (Scheduled Cases) جي ٻڌڻي لاءِ اهي سمورا اختيار حاصل هوندا، جيڪي هاءِ ڪرٽ کي ٻڌڻي (Trial) لاءِ حاصل هوندا آهن، سواءِ ان جي ته---

(الف) ٻڌڻي (Trial) جوري (Jury) کانسواءِ ٿيندي ۽ ڪوڊ جون شقون انهيءَ نموني اثر انداز ٿينديون جڻ ته جوري (Jury) يا جوري-مين (Jury_men) يا ڪميٽل پروسيڊنگس کي حوالو ڏيڻ لاءِ ڏنل

16. ڪيس ايف آءِ آر نمبر 35/68، رياست بخلاف تيمور نصري ۽ ٻہ ٻيا، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعات (Sections) 409، 467، 468، 420 ۽ 120-بي تحت، ساڻ پڙهو دفعہ 5 (2) (Prevention of Corruption Act-1947).

17. ڪيس ايف آءِ آر نمبر 36/68، رياست بخلاف اي ايف ڪيريو ۽ چار ٻيا، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعات (Sections) 409، 467، 468، 420 ۽ 120-بي تحت، ساڻ پڙهو دفعہ 5 (2) (Prevention of Corruption Act-1947).

18. ڪيس ايف آءِ آر نمبر 37/68، رياست بخلاف اي ايف ڪيريو ۽ چار ٻيا، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعات (Sections) 409، 467، 468، 420 ۽ 120-بي تحت، ساڻ پڙهو دفعہ 5 (2) (Prevention of Corruption Act-1947).

| |
|---|
| نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. |